## حصو الف ( گهڻ چونڊائتي سوال)

سوال1. هيٺين جا صحيح جواب چونڊيو.

(1) الانفال جي معنيٰ آهي.

(الف) قرض (ب) تحفو (ج) دولت (د) انهن مان ڪوبہ نہ

(2) الاحزاب جي معنيٰ آهي.

(الف) هڪ گروهہ (ب) گهڻا گروهہ (ج) لشڪر (د) جنگجو

(3) الدرس الاول جي معنيٰ آهي.

(الف) سبق پڙهو (ب) پهريون سبق (ج) پهريون نمبر (د) انهن مان ڪوبہ نہ

(4) زڪوات جا ________ مصارف آهن.

(الف) 05 (ب) 07 (ج) 08 (د) 08

(5) عملن ۾ سڀ کان پهريائين نماز آهي ان کان پوءِ..............آهي.

(الف) روزو (ب) حج (ج) زڪوات (د) فطرو

(6) ڪهڙي سورت مديني ۾ نازل ٿي؟

(الف) الانفال (ب) الاحزاب (ج) الممتحنتہ (د) اهي سيئي

(7) الله تعاليٰ سورت الانفال ۾............... کي آزمائش قرار ڏنو آهي.

(الف) مال ۽ اولاد (ب) ماءُ پيءُ (ج) دوستن (د) رشتيدارن

(8) سورت الممتحنتہ ۾ ________ آيتون آهن.

eduvision.edu.pk

(الف) 15 (ب) 13 (ج) 73 (د) 75

(9) عيدن جي ڏينهن وهنجڻ ______ آهي.

(الف) فرض (ب) مستحب (ج) واجب (د) سنت

(10) انسان ڪنهن سان محبت ڪري ته صرف ______ جي لاءِ ڪري.

(الف) نفس (ب) ماءُ پيءُ (ج) الله تعاليٰ (د) رشتيدارن

(11) علم ............ جو رستو ڀڏائي ٿو.

(الف) جنت (ب) جهاد (ج) ڪاميابي (د) نيڪي

(12) عائلي زندگي مان مراد آهي.

(الف) سماجي زندگي (ب) خانداني زندگي (ج) انفرادي زندگي

(د) انهن مان ڪوبه نه

(13) مومن جي دل ____ ويندي آهي جڏهن الله تعاليٰ جو ذڪر ڪيو ويندو آهي.

(الف) بيهجي (ب) خوش ٿي (ج) ڏڄي (د) انهن مان ڪوبه نه

(14) هڪ جڳهه کان ٻي جڳهه منتقل ٿيڻ کي ڇا چئبو آهي؟

(الف) ڪاروبار (ب) هجرت (ج) سياحت (د) جلاوطني

(15) غسل يا وهنجڻ ۾ ................ فرض آهن.

(الف) 02 (ب) 03 (ج) 04 (د) 05

## حصو ب (مختصر جواب جا سوال)

هيٺين سوالن مان ڪن به 9 سوالن جا جواب ڏيو هر سوال تي 4 مارڪون آهن.

سوال2. هيٺين آيتن مان ڪنهن هڪ آيت جو ترجمو لکو.

(الف) وما رميت از رميت ولكن الله رمي

(ب) ماجعل الله لرجل من قلبين في جوفه

سوال3. سورت الانفال ۾ مومنن جون ڪهڙيون صفتون بيان ڪيون ويون آهن؟

سوال4. سورت الاحزاب ۾ وات سان چيل پٽن ( پٽيلن) جي باري ۾ ڪهڙيون هدايتون ڏنيون ويون آهن؟

سوال5. خيانت مان ڇا مراد آهي؟

سوال6. جڏهن اهل ڪفر مسلمانن تي غلبو حاصل ڪندا آهن ته انهن جو ايمان واري سان ڪهڙو سلوڪ هوندو آهي؟

سوال7. وضوءَ جا ڪيترا فرض آهن؟ بيان ڪريو.

سوال8. اسلام ۾ هجرت جو مفهوم بيان ڪريو.

سوال9. هيٺين مان ڪنهن هڪ حديث جو ترجمو ڪريو.

eduvision.edu.pk

(الف) الصلواة عماد الدين ومن اقامها فقد اقام الدين ومن هدمها فقد هدم الدين

(ب) للصائم فرحتان فرحته عند افطاره وفرحته عند لقاءِ ربه

سوال10. ڪافرن جي مطالبي جي باوجود الله تعاليٰ انهن تي عذاب ڇو نه نازل ڪيو؟

سوال11. حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم وٽ ڪاڌي جي دعوت تي اچڻ وارن ڪي ڪهڙي ادب جي تعليم ڏني وئي؟

سوال12. زڪوات جا ڪي به چار مصارف لکو.

سوال13. طهارت جي باري ۾ ڪتاب ۾ ڏنل هڪ حديث معنيٰ سان گڏ لکو.

eduvision.edu.pk